# توڪل ۽ قناعت

8/17/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# توڪل ۽ قناعت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيسيتائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن، جنابِ صادق و امين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين آهي: مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ وَحَمِدَ الرَّبَّ يعني جنهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪئي، وَصَلَّى عَلَى النَّبِي وَاسْتَغْفَرَ رَبَّه ۽ پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود شريف پڙهي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان بخشش گهرايائين، فَقَدْ طَلَبَ الْخَيْرَ مَكَانَه، تہ يقيناً ان ڀلائي کي پنهنجي هنڌان تلاش ڪري ورتو. (تفسير درمنثورج :٨ ص :٦٩٨بيروت)

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

www.dawateislami.net

**مختصر وضاحت**:يعني اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرود موڪليون ٿا جيڪي هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرو آهن ۽ اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪليون ٿا جيڪي اسان غافلن جي سار سنڀار لهن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل**:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوااللهَ , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئيءَ جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## روزي جو وسيلو:

منقول آهي تہ مسجِدُ الحَرام شريف (مڪ مڪرمہ) ۾ هڪ عابِد (عبادت گذار شخص) سڄي رات عبادت ۾ مشغول(مِصروف) رهندو هو، ڏينهن جو روزو رکندو هو، روزانو شام جو هڪ شخص ان کي 2 مانيون ڏئي ويندو هو، هو ان سان اِفطار ڪندو هو ۽ پوءِ ٻي ڏينهن تائين جي لاءِ عبادت ۾ مشغول ٿي ويندو هو. هڪ ڏينهن ان جي دل ۾ خيال آيو تہ هي ڪهڙو توڪُّل آهي جو مان هڪ انسان جي ڏنل ماني تي ڀروسو ڪري ويٺو آهيان! ۽ مخلوق جي رزّاق عَزَّ وَجَلَّ تي ڀروسو ناهي ڪيو، شام جو جڏهن مانيون کڻي اچڻ وارو آيو تہ عابِد واپَس موٽائي ڇڏيون. اهڙي طرح 3 ڏينهن گُذاريا. جڏهن بک جو غَلَبو (Domination) ٿيو تہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان فرياد ڪيائين. رات جو خواب ۾ ڏٺائين، تہ هو الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ حاضر آهي ۽ الله تعاليٰ فرمائي ٿو، مان پنهنجي ٻانهي جي ذريعي جيڪو ڪجهہ موڪليندو هئس تو ان کي ڇو موٽائي ڇڏيو؟ عابِد عرض ڪيائين: مولا! منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ تنهنجي سوا ٻئي تي ڀروسو ڪري ويٺو آهيان. ربّ تعاليٰ فرمايو: هو مانيون ڪير موڪليندو هو؟ عابِد عرض ڪيائين، ياالله! تون ئي موڪلڻ وارو آهين. حڪم ٿيو! هاڻي مان موڪليان تہ واپَس نہ موٽائجان. انهيءَ خواب جي دَوران هي بہ ڏٺو تہ مانيون آڻڻ وارو شخص رَبُّ العٰلمين جَلَّ جَلاَ لُہ جي درٻار ۾ حاضِر آهي. الله تعاليٰ ان کان پڇيو: تو هن عابِد کي مانيون ڏيڻ ڇو بند ڪيون ؟ ان عرض ڪيو: اي مالِڪ ۽ مولا! توکي سڀ معلوم آهي. پوءِ پڇيائين: اي ٻانها! اهي مانيون تون ڪنهن کي ڏيندو هئين؟ ان ٻانهي عرض ڪيو: مان تون کي (يعني تنهنجي ئي راهہ ۾ ڏيندو هئس) ارشاد ٿيو: تون پنهنجو عمل جاري رک، منهنجي طرفان تنهنجي لاءِ ان جي عِوَض ۾ جنّت آهي. (رَوض الرياحين ص۱۳۳، ملخصاً)

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان جتي هي معلوم ٿيو ته الله تعاليٰ جي رِضا جي پيشِ نظر ڪيو ويندڙ صدقو جنت ۾ داخلي جو سبب بڻجي ويندو آهي، اتي هي به معلوم ٿيو ته الله عَزَّ وَجَلَّ جا نيڪ ۽ پرهيزگار ٻانها رب تي **توڪُّل** (ڀروسي) جي اعليٰ مقام تي فائز هوندا آهن. اهو عبادت گذار شخص سڄي رات عبادت ۾ مصروف رهي ۽ ڏينهن جو روزو رکي ائين رات ڏينهن عبادت ۾ گذاريندو هو، ان کي يقين (Believe) هو ته اها ذات جنهن جي عبادت ۾مان مصروف آهيان، روزي ڏيڻ ۽ پنهنجن ٻانهن جو پيٽ پالڻ، انهيءَ جو ڪم آهي، مان ان جي ڪم ۾ مصروف آهيان ۽ ان جي عبادت ڪري رهيو آهيان ته هو **مُسبّبُ الأسباب** (يعني اسباب مُهيا ڪرڻ وارو) به منهنجي روزي جا سبب بڻائي ڇڏيندو ۽ ائين ئي ٿيندو آهي، جو روزانو هڪ ٻانهو شام جي وقت اچي ان کي 2 مانيون ڏئي ويندو هو، جنهن سان هو روزو افطار ڪري ٻيهر عبادت لاءِ تيار ٿي ويندو هو.

يقيناً الله تعاليٰ جي ذات تي اهڙي طرح جو توڪُّل ڪرڻ، ان جي محبوب ٻانهن جو طريقو آهي. هن حڪايت مان توڪُّل سان لبريز مدني گل ملڻ سان گڏوگڏ قناعت جي ترغيب به ملي ٿي، غور ڪريو! ته اسان جڏهن رمضان جا فرض روزا رکون ٿا ته افطار ۾ پنهنجي کائڻ جي لاءِ طرح طرح جون عُمده ۽ عاليشان نعمتون گڏ ڪيون ٿا، هڪ پسنديده شيءِ گهٽ ٿي وڃي ته گهروارن کان ناراض ٿيندا آهيون، جڏهن ته الله عَزَّوَجَلَّ جو اهو عبادت گذار ٻانهو روزانو روزو رکندو هو پر افطار ۾ فقط 2 مانين تي ئي گذارو ڪندو هو، هو پنهنجي نفل روزن جي لاءِ اسان جي فرض روزن کان به وڌيڪ عُمده ۽ بهترين افطار جو اهتمام ڪرڻ جي بدران قناعت اِختيار ڪندو هو، ان جي عاليشان قناعت تي ته روزانو 2 ٻن ئي مانين سان افطار ڪندو هو ۽ انهن کي پنهنجي لاءِ

www.dawateislami.net

ڪافي سمجهندو هو. اسان کي بہ قناعت (Contentment) جي عادت اپنائڻ گهرجي، اڄ هڪ تعداد رِزق ۾ ڪمي ۽ مال ۾ بي برڪتي جو شڪار نظر ايندي آهي، اهڙن کي گهرجي تہ رِزق ۾ اضافي ۽ برڪت سان گڏوگڏ پنهنجي لاءِ قناعت جي دولت ملڻ جي دُعا بہ ڪن، ڇوتہ قناعت جنهن ٻانهي کي نصيب ٿي وڃي ان کي دُنيا و مافيها (يعني دُنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي، ان) کان بي نياز ڪندي آهي. قناعت ٻانهي کي ٻي جي دروازي تي جهڪڻ ۽ ڪنهن جي اڳيان هٿ ڏگهيڙڻ کان بچائي صرف رَزّاقِ حقيقي عَزَّ وَجَلَّ تي ڀروسو ڪرڻ سيکاري ٿي. قناعت انسان ۾ خود داري ۽ غيرت پيدا ڪندي آهي جڏهن تہ خواهش جي پيروي انسان کي غلام بڻائي ڇڏيندي آهي.

ضرورت سے زِیادہ مال و دولت کا نہیں طالب رہے بس آپ کی نظرِ عنایت یارسولَ اللہ!
رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسولَ اللہ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قناعت ڇا کي چئبو آهي:

قناعت ڇا آهي؟ ان جي وصف بيان ڪندي حضرت علامہ عبدُالمصطفيٰ اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا: انسان کي جيڪو ڪجھ خدا عَزَّ وَجَلَّ جي طرفان ملي وڃي، ان تي راضي ٿي زندگي گذاريندي، حِرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي ”قناعت“ چيو ويندو آهي. قناعت جي عادت انسان جي لاءِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي، قناعت پسند انسان سُڪون جي دولت سان مالا مال رهندو آهي جڏهن تہ حريص ۽ لالچي انسان هميشہ پريشان رهندو آهي.

(جنتي زيور، ص ١٣٦ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً قَناعت اعليٰ ترين انساني صفتن مان هڪ

www.dawateislami.net

وڏي ئي پياري صفت آهي، قناعت ڪرڻ وارو پنهنجي خواهشات کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي جڏهن تہ قناعت کان پاسو ڪرڻ وارو نفس جوغلام بڻجي هميشہ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو رهندو آهي. قناعت ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق ملي ٿي جڏهن تہ قناعت کان پاسو ڪرڻ واري جي جيڪڏهن هڪ بہ خواهش پوري نہ ٿئي تہ هو شڪوه شڪايت ڪرڻ لڳندو آهي. قناعت ڪرڻ وارو وڌيڪ جي خواهش جي بدران صبر جي دامن ۾ پناه وٺندو آهي. قناعت انسان جي اعلي همت، وڏي سوچ ۽ بُزرگي، تقويٰ ۽ صبر جي نشاني بڻجندي آهي،جڏهن تہ خواهشن جي پيروي انسان جي نَفْس پرستي، حرص، بُخل ۽ اِنفاق فِي سَبِيلِ الله کان دُوري جو سبب بڻجندي آهي. قناعت جي اَهميت ڄاڻڻ جي لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي نيڪ ۽ مُقرَّب ٻانهن کي اها پاڪيزه خَصْلت (Habit) ۽ عادت عطا فرمائي ٿو. تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ الله السَّلَام جون مبارڪ زِندگيون، قناعت جا مدني گل چُونڊڻ جي لاءِ اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهن .

## مُصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قناعت تي لکين سلام!

اسان جي پياري آقا، ڪائنات جي والي، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي زندگي صبر ۽ قناعت سان ڀريل آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ طيبہ ۾ ڪٿي بہ آرام، عيش ۽ راحت جو سامان نظر نٿو اچي ۽ نہ ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن شين جي حُصُول جي ڪوشش ڪئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مالِ غنيمت تي مُشتمل وڏا وڏا خزانا ملندا هئا، پر پاڻ اهي تمام مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا، صحابي رسول، حضرت سَيدُنا ابُو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر

www.dawateislami.net

وارن 3 ڏينهن تائين ڪڏهن بہ پيٽ ڀري ڪاڌو نہ ڪاڌو، ايسيتائين جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن دنيا مان تشريف کڻي ويا.
(بخاري، ڪتاب الاطعمه ، باب وقول الله تعالي :ڪلوا۔۔۔الخ،ج۳/۵۲۰،حديث: ۵۳۷۴)

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **قناعتِ مُصطفيٰ** کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪندي عرض ڪن ٿا:

ڪُل جہاں مِلک اور جَو کی روٹی غذا
اُس شِکم کی قَناعت پہ لاکھوں سلام

**مختصر وضاحت:** سڄي جهان جي ملڪيت ۽ اختيار جن جي وس ۾ آهي ان جي غذا جي سادگي جو هي عالم هو جو جَوَءِ جي ماني تي گُذارو ڪندا هئا، سندن پيٽ مبارڪ جي قناعت تي لکين سلام.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ٻنهي جهانن جا سردار هئڻ باوجود پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تڏي تي آرام ڪندا هئا، سرِ انور رکڻ جي لاءِ کجور جي کل سان ڀريل چمڙي جو وهاڻو استعمال ڪندا هئا. (المواهب اللدنيه مع شرح الزرقاني، تڪميل،ج۵،ص:۹۶، ملخصاً) ڪڏهن بہ لذيذ ۽ پُرتڪلف کاڌن جي خواهش ئي نہ فرمائي. ايسيتائين جو ڪڏهن بہ پاڻ چپاتي (هلڪي ماني) نہ کاڌي، جَوئن جون ٿلهيون مانيون اڪثر غذا ۾ استعمال ڪندا هئا. (سيرتِ مُصْطفےٰ،ص:۵۸۵، ۵۸۶ملخصاً)

صدرُالْاَفاضِل حضرتِ عَلّامہ سيد محمّد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حُضُور سيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وفاتِ ظاهري تائين حُضُور جا

www.dawateislami.net

اهلِ بَيتِ اَطهار عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ڪڏهن جوء جي ماني به 2 ڏينهن برابر نہ کاڌي. اهو به حديث ۾ آهي تہ سڄو سڄو مهينو گذري ويندو هو، دَولت سَراءِ اَقدس(يعني مڪانِ عالي شان) ۾ (چُلهہ ۾) باهہ نہ ٻرندي هئي، ڪجهہ کجورن ۽ پاڻي تي گُذارو ڪيو ويندو هو. حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، پاڻ فرمائن ٿا تہ (اي انسانو!) مان چاهيان هان تہ توهان کان سٺو کاڌو کاوان هان ۽ توهان کان بهتر لباس (Dress) پايان هان، پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخِرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو. (خَزائِنُ العِرفان، ص:۹۲۸،ازفيضان سنّت،ص٦٣٦)

کھانا تو دیکھو جَو کی روٹی ۔۔۔ بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی
وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا ۔۔۔ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم
کون و مکاں کے آقا ہو کر ۔۔۔ دونوں جہاں کے داتا ہو کر
ہیں فاقے سے شاہِ دو عالَم ۔۔۔ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم
قبضے میں جس کے ساری خدائی ۔۔۔ اُس کا بچھونا ایک چٹائی
نظروں میں کتنی ہیچ ہے دُنیا ۔۔۔ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻنهي جهانن جي خزانن جا مالڪ ٿي ڪري بہ قناعت سان ڀرپور زندگي گذاري، اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي مڪي آقا، مدني داتا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نقشِ قدم تي هلون، سندن پيروي ڪريون ۽ قناعت ڪرڻ وارا بڻجون. قناعت جا ڪيئي **دُنيوي ۽ اُخروي فائدا** آهن، اچو! ان مان ڪجهہ ٻڌون ٿا:

## قناعت جا فائدا ۽ خواهشن جي پيروي جا نقصان:

1) قناعت دل مان دنيا جي مَحَبَّت ختم ڪندي آهي جڏهن تہ خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارو، دُنيا جي مَحَبَّت ۾ گرفتار ٿيندو ويندو آهي ۽ هڪ وقت ايندو آهي جو دنيا کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ويهندو آهي، جيڪو دِين جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.

2) قناعت ڪرڻ وارو اَسباب کان وڌيڪ خالقِ اسباب عَزَّوَجَلَّ تي نظر رکي ٿو، اهڙي طرح هو ٻين جي مُحتاجيءَ کان بچي ويندو آهي. جڏهن تہ قَناعت کان خالي شخص اسباب تي نظرون ڄمائي ان کي سڀ ڪجهہ سمجهندو آهي، اهڙي طرح هو ماڻهن کان اُميدون رکندو آهي ۽ انهن کان توقعات وابستہ ڪندو آهي.

3) قناعت انسان کي خواهشن جو پيروڪار بڻجڻ کان بچائيندي آهي ۽ ان جي برڪت سان زندگي سُڪون ۽ اطمينان (Satisfaction) سان گذرندي آهي جڏهن تہ خواهشن جي پيروي بي سڪوني ۽ ذهني دٻاؤ جو سبب ٿيندي آهي.

4) قناعت کان حِرص ۽ لالچ ۽ بُخل جهڙيون بُريون عادتون ختم ٿينديون آهن، الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضي رهڻ، راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ قناعت گهڻي مؤثر آهي. جڏهن تہ قناعت کان خالي شخص ۾ حِرص ۽ بُخل جهڙيون بُريون عادتون پيدا ٿي سگهن ٿيون، ۽ اهڙو شخص ڪنهن خواهش جي پورو نہ ٿيڻ تي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا تي اعتراض ڪرڻ لڳي ٿو.

5) سڀ کان وڏيڪ قناعت جو فائدو هي آهي تہ ان سان الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي.فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ان شخص جي لاءِ خوشخبري آهي، جيڪو اسلام جي هدايت ماڻي ۽ ان جي روزي ضرورت مطابق هجي ۽ هو ان تي قناعت ڪري.

( ترمذي، كتاب الزهد،باب ماجاء في الكفاف والصبر عليه،ج٤،ص١٥٦، حديث: ٢٣٥٥)

رہیں سب شاد گھر والے شَہا تھوڑی سی روزی پر
عَطا ہو دَولتِ صَبر و قناعَت یَارَسُوْلَ الله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قناعت توڪُل جو ذريعو آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قناعت جيان توڪُّل بہ انهن صفتن مان آهي، جيڪا انسان جي اخلاق کي بهترين بڻائي ٿي. قناعت ۽ توڪُّل جو پاڻ ۾ گهرو تعلُّق (Connection) آهي. قناعت توڪُّل جي ڏاڪڻ آهي، قناعت انسان کي توڪُّل تي اُڀاري ٿي ۽ انسان گهٽ مال تي گذارو ڪندي ربّ ڪريم عَزَّ وَجَلَّ تي ڀروسو ڪري ٿو. الله عَزَّ وَجَلَّ تي توڪُّل ايمان جي واجبن ۽ فرضن مان هڪ اهم فريضو آهي، اعليٰ حضرت، امام اهلسنَّت مولانا شاهہ امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّ وَجَلَّ تي توڪُّل ڪرڻ فرضِ عين آهي. (فضائلِ دعا،ص:٢٨٧) جنهن جي دل ۾ توڪُّل جو نور ناهي ان جو ايمان ڪامل ناهي ۽ ان جي دل اندهير نگري جي سوا ڪجهہ ناهي. توڪُّل ايمان جو روح آهي. توڪُّل اهڙو عمل آهي، جيڪو انسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي قريب ۽ ماڻهن کان پري ڪندو آهي.

www.dawateislami.net

مشڪلات ۽ پريشانين ۾ توڪّل ئي ٻانهي کي اِسْتِقامت سان انهن جي مُقابلي جي قُوّت (Power) ڏيندو آهي. مُصيبتن ۾ توڪّل ئي انسان جون اُميدون بيدار ڪرڻ جو سبب ٿيندو آهي.

## توڪّل جي معنيٰ ۽ مفهوم:

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل تفسير ”صِراطُ الجنان“ جلد 3 صفحي 520 تي آهي: حضرت سَيدُنا امام فخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:” توڪُّل جي هي معني ناهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪوشش کي بيڪار ۽ فُضول سمجهي ڇڏي ڏي، جيئن تہ بعض جاهل چون ٿا بلڪ توڪُّل هي آهي تہ انسان ظاهري اسباب کي اختيار ڪري پر دل سان انهن سببن تي ڀروسو نہ ڪري بلڪ الله تعاليٰ جي مدد ان جي تائيد ۽ ان جي حمايت تي ڀروسو ڪري. (تفسير ڪبير، آل عمران، تحت الآية: ١٥٩، ٣/٤١٠) هن ڳالهہ جي تائيد هن حديث پاڪ مان بہ ٿئي ٿي:

حضرت سيدنا انس رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: ”هڪ شخص عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ، مان پنهنجي اُٺ کي ٻڌي توڪُّل ڪيان يا ان کي کليو ڇڏي توڪُّل ڪيان؟ ارشاد فرمايائون: توهان ان کي ٻڌي پوءِ توڪُّل ڪريو. (ترمذي، ڪتاب صفة يوم القيامة، ٤/٢٣٢، الحديث: ٢٥٢٥) يعني توڪُّل ان شيءِ جو نالو آهي تہ ڪنهن بہ ڪم جي ڪرڻ ۾ اسباب سنتِ مُصطفيٰ سمجهي اختيار ڪيا وڃن، ان کان پوءِ نتيجو الله ربُّ العزت عَزَّ وَجَلَّ تي ڇڏڻ گهرجي. اعليٰ حضرت ، امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: توڪُّل ترڪ اَسباب جو نالو ناهي بلڪ اسباب تي اِعتماد جو ترڪ توڪُّل آهي. (فتاويٰ رضويه،٢٤/٣٧٩، ملخصاً) يعني اسباب کي ڇڏي ڏيڻ توڪُّل ناهي بلڪ اَسباب تي اِعتماد نہ ڪرڻ ۽ ربّ تعاليٰ جي ذات تي اعتماد ڪرڻ جو نالو توڪُّل آهي.

www.dawateislami.net

## ماڻھن جي ذريعي رِزق پھچائڻ الله عَزَّوَجَلَّ کي پسند آھي!

مَروِي آھي تہ ھڪ زاھد (گھڻو نيڪ ماڻھو) آبادي کي ڇڏي جبل جي دامن ۾ ويھي رھيو ۽ چوڻ لڳو: ”جيسيتائين الله عَزَّوَجَلَّ مون کي منھنجو رِزق نہ ڏيندو، مان ڪنھن کان ڪجھ نہ گھرندس.“ ھڪ ھفتو گُذري ويو ۽ رِزق نہ آيو، جڏھن مرڻ جي قريب ٿيو تہ بارگاھ الٰھي ۾ عرض گذار ٿيو: ”اي منھنجا ربّ عَزَّ وَجَلَّ! تو مون کي پيدا ڪيو آھي، تنھنڪري منھنجي تقدير ۾ لکيل رِزق مون کي عطا فرماءِ يا منھنجو رُوح قبض فرماءِ.“ غيب مان آواز آيو: ”منھنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان توکي رزق نہ ڏيندس ايسيتائين جو تون آبادي ۾ وڃين ۽ ماڻھن جي وچ ۾ رھين.“ ھو نيڪ شخص آبادي ۾ ويو ۽ ويھي رھيو، ڪو ڪاڏو ڪٽي آيو ۽ ڪو پاڻي ڪٽي آيو، ان گھڻو ڪاڌو ۽ پيتو پر دل ۾ شڪ (Doubt) پيدا ٿيو تہ غيب مان آواز آيو: ”ڇا تو پنھنجي دنياوي زُھد کان منھنجو طريقو بدلڻ چاھين ٿو، ڇا تو کي خبر ناھي تہ پنھنجي دستِ قدرت سان ماڻھن کي رِزق ڏيڻ بدران مون کي ھي وڌيڪ پسند آھي تہ ماڻھن جي ھٿن کان ماڻھن تائين رِزق پھچايان.“ (احياء العلوم،۴/۳۲۹)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ رِزق ڪمائڻ جي لاءِ ضروري آھي تہ انسان اسباب کي اختيار ڪري، ھٿ تي ھٿ رکي، اسباب اختيار ڪرڻ کان بي نياز ٿي صرف توڪُّل توڪُّل جي رٽ لڳائڻ توڪُّل نہ آھي، اھڙي طرح صرف پنھنجي تدبير کي سڀ ڪجھ سمجھڻ يا صرف اسباب تي ئي ڀروسو ڪري ويھڻ ھي بہ توڪُّل نہ آھي. حقيقي توڪُّل ھي آھي تہ اسباب اختيار ڪيا وڃن، طاقت برابر ڪوشش ڪئي وڃي ۽ تدبير جي دروازي تي دستڪ ڏنو وڃي ۽ پوءِ انھن سببن تي ڀروسو نہ ڪيو وڃي بلڪ الله سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰی

جي ذات تي ڀروسو ڪيو وڃي. ڇوته الله عَزَّوَجَلَّ جي عادت آهي ته تمام ڪم ڪنهن نه ڪنهن سبب ذريعي ئي ٿيندا آهن. پيٽ ڀرڻ لاءِ کاڌو کائڻو پوندو آهي جڏهن انسان کاڌو کائي ٿو، کاڌو کائڻ کان سواءِ پيٽ نٿو ڀرجي سگهجي، برسات تڏهن ٿيندي جڏهن بادل موجود هوندا،بغير بادلن جي برسات ناهي ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توڪُل قرآنِ پاڪ جي روشني ۾:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڪامل ڀروسو ڪرڻ ۽ پنهنجن تمام ڪمن جي انجام کي انهيءَ جي حوالي ڪرڻ هڪ بهترين صفت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي اسان جو اهڙو ڪامل ڀروسو هئڻ گهرجي جو جڏهن به ڪنهن نيڪ ۽ جائز ڪم جو اِرادو يا آغاز ڪريون ته صرف اسباب تي نظر رکڻ جي بدران خالقِ اسباب عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظر هئڻ گهرجي ڇوته اسباب ته عارضي ۽ فاني هوندا آهن. جيڪو مسلمان بيمارين، پريشانين، آفتن، بلائن، مصيبتن بلڪ پنهنجي هر مُعاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪري ٿو ته ان جا ٻيڙا پار ٿي ويندا آهن ڇوته توڪُل جي برڪت سان الله تعاليٰ نه صرف ان جو حامي ۽ ناصِر هوندو آهي بلڪ ان جي برڪت سان هو ڪريم رَبّ عَزَّوَجَلَّ ان کي اِنعام و اِڪرام سان به نوازيندو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ (سيپارو 28 سُوْرَةُ طَلَاق جي آيت نمبر 3 ۾) ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکي ته اهو اُن کي ڪافي آهي

(پ ٢٨، طلاق:٣)

www.dawateislami.net

۽ (سيپارو 4 سُوره آلِ عمران جي آيت نمبر159 ۾) ارشادِ ربّاني آهي:

اِنَّ اللّٰهَ یُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِیْنَ(۱۵۹) **ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ توَڪل وارا الله کي پيارا آهِن.

"اِحياءُ العلوم" ۾ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هنن مُبارڪ آيتن کان پوءِ فرمائن ٿا: اهو مقام ڪيترو عظيم آهي، جنهن تي فائز شخص کي الله تعاليٰ جي مَحَبَّت حاصل ٿئي ۽ ان کي الله تعاليٰ جي طرفان ڪفايت جي ضَمانت بہ حاصل هجي، تہ جنهن شخص جي لاءِ الله تعاليٰ ڪفايت فرمائي، ان کان مَحبَّت ڪري ۽ ان جي رعايت فرمائي، ان تمام وڏي ڪاميابي (Success) حاصل ڪئي ڇوتہ جيڪو محبوب هوندو آهي ان کي نہ ئي عذاب ڏيندو آهي، نہ دُوري ڏيندي آهي ۽ نہ ئي هو پردي ۾ هوندو آهي. (احياء العلوم، ۳۰۰/۴)

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ ٻي هنڌ تي توڪُّل ڪرڻ وارن کي مومنِ ڪامل چيو ويو آهي. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سيپارو 9 سُوْرَةُ الْاَنْفَال آيت نمبر 2 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِذَا تُلِیَتْ عَلَیْهِمْ اٰیٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِیْمَانًا وَّ عَلٰى رَبِّهِمْ یَتَوَكَّلُوْنَ(۲)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اِيمان وارا اُهي آهِن جو جڏهن الله کي ياد ڪيو وڃي اُنهن جُون دليُون ڊِڄي وڃن ۽ جڏهن اُنهن تي اُن جُون آيتُون پڙهيُون وڃن تہ اُنهن جو اِيمان وڌِيڪ ٿئي ۽ پنهنجي رب ئِي تي ڀروسو ڪن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ ايمان ۾ سچي ۽ ڪامل ماڻهن جا 3 وصف بيان ٿيا آهن. (1) جڏهن رَبَّ عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪيو وڃي تہ انهن جون دليون ڊجي وينديون آهن. (2) الله عَزَّوَجَلَّ جون آيتون ٻڌي انهن جي ايمان ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. (3) اهي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ تي ئي ڀروسو ڪن ٿا. (صراط الجنان،۵۱۹/۳،ملتقطاً)

افسوس! اڄ اسان توڪُّل کان گھٽو پري ٿيندا پيا وڃون، ڏن (ملڪيت ڪمائڻ جي ڌُن اسان تي اهڙي غالب اچي چڪي آهي جو توڪُّل جو دامن هٿ مان ڇٽي چڪو آهي.

## توڪُّل ۽ احاديثِ طيبہ:

احاديثِ طيبہ ۾ ڪيئي مقامات تي توڪُّل جي اَهميت بڌائي وئي آهي. تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختلف انداز ۾ توڪُّل جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. اچو ”توڪُّل“ جي چئن اکرن جي نِسبَت سان چار(4) فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي اهڙي طرح ڀروسو ڪريو، جهڙي طرح ان تي ڀروسو ڪرڻ جو حق آهي، تہ هو توهان کي اهڙي طرح رزق عطا فرمائيندو، جيئن پکي کي عطا فرمائي ٿو تہ اهو صبح جي وقت خالي پيٽ نڪري ٿو ۽ شام جو پرجي موٽندو آهي. (ترمذي، ڪتاب الزهد، باب في التوڪُّل علي الله ، ۴/ ۱۵۴،حديث: ۲۳۵۱)

2. ارشاد فرمايائون: 4 شيون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجن محبوب ٻانهن کي ئي عطا ڪندو آهي (١) خاموشي ۽ اها ئي عبادت جي ابتدا آهي (٢) توڪُّل (٣) تواضع (۴) ۽ دنيا کان بي رغبتي. (اتحاف السادة المتقين ،ڪتاب ذم الڪبر، ج۱۰ ، ص۲۵٦)

3. ارشاد فرمايائون: جنهن کي اها ڳالھ پسند هجي تہ هو ماڻهن ۾ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ٿي وڃي تہ هو اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ تي توڪُّل ڪري ۽ جنهن کي اها ڳالھ پسند هجي تہ هو (زماني ۾) باعزّت ٿي وڃي تہ ان کي کپي تہ تقويٰ اختيار ڪري ۽ جنهن کي اها ڳالھ پسند هجي تہ سيني ماڻهن کان وڌيڪ

دولتمند تي وجي تہ ان کي کپي تہ پاڻ وٽ موجود شيء کان وڌيڪ ان شيء تي اعتماد ڪري، جيڪا الله تعاليٰ جي دستِ قدرت ۾ آهي.
(منهاج العابدين ص ۱۰۴)

4. ارشاد فرمايائون: مون کي تمام اُمّتون ڏيکاريون ويون (مون ڏٺو) تہ ڪو نبي پنهنجي اُمّت کي وٺي وجي رهيو آهي، ڪو ٽولي کي، ڪوئي 10 ماڻهن کي، ڪو 5 کي ۽ ڪو نبي اڪيلو ئي وجي رهيو آهي، پوءِ هڪ تمام وڏي جماعت تي منهنجي نظر پئي تہ مون جبرائيل کان پڇيو: اي جبرائيل! ڇا هي منهنجي اُمّت آهي؟ تہ جبرائيل چيو: نہ! بلڪ اوهان آسمان ڏانهن ڏسو! جڏهن مون آسمان ڏانهن نظر ڪئي تہ مون کي هڪ تمام وڏي جماعت نظر آئي، تہ جبرائيل چيو: اوهان جي اُمّت هي آهي، انهن مان ستّر (70) هزار ماڻهو بنا حساب ڪتاب جي ئي سڀ کان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا، تہ مون چيو ان جو ڇا سبب آهي؟ تہ جبرائيل چيو! هي اهي ماڻهو آهن جيڪي نہ (زخم تي گرم لوهہ وغيره سان) داغ لڳائن ٿا (يعني توڙي جو زخم ڏنيرائڻ جائز آهي چو تہ زمانہ جاهليت ۾ داغ کي مرض پري ڪرڻ جي لاءِ مستقل عِلّت مجيو ويندو هو، ان ڪري حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي توڪُّل جي خلاف قرار ڏنو)، نہ جنتر منتر ڪن ٿا (يعني ڪافرن جي جهاڙ ڦونڪ کان بچن ٿا، جڏهن تہ قرآني آيتن، دُعاءِ ماثُوره سان دَم ڪرڻ سنت آهي ۽ نہ ئي (بدفالي وٺڻ جي لاءِ) پکي اڏائن ٿا، ۽ هي ماڻهو صرف پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ تي توڪُّل ڪن ٿا، حضرت عُڪاشہ بن مِحْصَن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيهي عرض ڪيو: يارَسُوْلَ الله، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي لاءِ دُعا فرمايو تہ الله تعاليٰ مون کي بہ انهن (خُوش نصيب) ماڻهن مان ڪري، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دعا ڪئي: ياالله عَزَّوَجَلَّ ! عُڪاشہ کي بہ انهن مان

www.dawateislami.net

ڪري ڇڏ، پوءِ هڪ ٻي شخص ٻيهي عرض ڪيو، يارَسُوْلَ الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ) منهنجي لاءِ بہ دُعا ڪريو تہ الله تعالي مون کي بہ انهن مان ڪري، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عڪاشہ اوهان تي اڳرائي ڪري ويو.

(بخاري، ج۴، ص۲۵۸، حديث:٦٥٤١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هفتيوار مدني مذاڪرو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ جو مقصد هي آهي تہ اسان توڪُّل جا عادي بڻجي وڃون ۽ الله تعاليٰ جي فضل سان بي حساب جنت ۾ داخل ٿي وڃون. توڪُّل جي عادت اپنائڻ، نيڪيون ڪرڻ، حرص ۽ لالچ ۽ ٻين گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ، سُنّتن تي عمل جو جذبو پائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو، 12مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم”مدني مذاڪري“ ۾ شروع کان آخر شرڪت بہ آهي، مَدَني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي جو ان ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سان ڪيل مُختلف سُوالن جا دِلچسپ جوابن جي صُورت ۾علم دين حاصل ٿيندو آهي ۽ علمِ دِين جي فضيلت جي باري ۾ حضرت سَيدُنا ابُوذَر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا:

رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي ابوذر(رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه)! توهان جو هن حال ۾ صُبح ڪرڻ جو توهان الله عَزَّ وَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، هي توهان جي لاءِ 100رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ توهان جو هن حال ۾ صبح ڪرڻ جو توهان علم جو هڪ باب سکيو هجي، جنهن تي عمل ڪيو ويو يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ اهو توهان جي لاءِ 1000 رڪعت نفل

www.dawateislami.net

پڙهڻ کان بهتر آهي.[1]

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مشڪبارمدني ماحول سنّي صُحبت فراهم ڪري ٿو، ان جي برڪت سان لکين ماڻهو گُناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري ۽ نيڪين جي راهہ تي هلندي قرآن ۽ سُنَّت جي مُطابق زِندگي گُذارڻ وارا بڻجي ويا، اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## نيوائيرنائٽ ملهائڻ کان پاسو ڪيو

گوجرانوالہ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 35سال) جو بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ منهنجو تَعلّق هڪ خوشحال گهراڻي سان هو،پر نماز ۽ قرآن کان پري طرح طرح جي برائين ۾ مبتلا هئس . هڪ ڀيري مون پنهنجي اوطاق تي نيوائير نائٽ ملهائڻ جو پروگرام بڻايو، شراب نوشي ۽ بدڪاري جا سيئي سامان گڏ ڪيا،31 ڊسمبر جي رات منهنجا يار دوست سيئي منهنجي اوطاق تي گڏ ٿيا. تقريباً 10 بجي آئون گهر آيس تہ 12 بجي تائين موٽي ايندس. گهر پهچي مون ٽي وي ڪوليو ۽ چينل بدلائيندي مدني چينل منهنجي اڳيان اچي ويو جنهن تي هڪ بُزرگ (يعني اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) نيو ائير نائٽ ملهائڻ وارن کي سمجهائي رهيا هئا، انداز اهڙو پيارو ۽ دلچسپ هو جو مون اهو بيان ٻڌڻ شروع ڪري ڇڏيو، ان بيان مان مون کي وڏي معلومات ملي ۽ عبرت ٿي تہ اسان ڇا ڪرڻ وڃي رهيا هئاسين، آئون خوفِ خدا کان روئڻ لڳس ۽ نيٽ مون نيوائير نائٽ ۾ خرافات ڪرڻ ۽ ٻين گناهن کان توبہ ڪري ورتي ۽ بري صحبت کان پاسو ۽ قادري عطاري سلسلي

[1] ... ابن ماجہ، کتاب السنة،باب فی فضل من تعلم،۱۴۲/۱، حدیث:۲۱۹

www.dawateislami.net

۾ بيعت ٿي شيخِ طريقت امير اهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مُريد بہ بڻجي ويس. پهريان ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪيو پوءِ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام ٿيڻ واري پوري رمضان جي مهيني جو اجتماعي اعتڪاف بہ ڪيو. ڏاڙهي وڌائي ورتي، مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو.

مدنی چینل کی مہم ہے نفس و شیطاں کے خلاف جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ اِعتراف
نفسِ اَمّارہ پہ ضرب ایسی لگے گی زور دار کہ ندامت کے سبب ہوگا گنہگار اشکبار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ تراجم جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جتي مسلمانن جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي، اتي سڄي دُنيا ۾ عشقِ رسول جون شمعون روشن ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ 100 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي دينِ متين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبہ"**مجلسِ تَراجِم**" بہ آهي جنهن نهايت ٿوري وقت ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو دنيا جي مختلف زَبانن مثال طور، انگلش، عربي، فارسي، فرنچ ، جرمن ، چائنيز، اٽالين، رشين، هندي، گجراتي، سنڌي، بنگالي جي علاوه ڪم وبيش 36 زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي خدمت سَراَنجام

ڏئي رهي آهي تہ جيئن اردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دنيا جون ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيضياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ هي مدني ذِهن بڻجي وڃي تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنۡ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مجلس تراجم** جا تمام ڪتاب ۽ رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي موجود آهن، ان جي علاوه ”**مدني بُڪس لائبريري**“ جي نالي سان موبائل ايپلي ڪيشن بہ آهي، جنهن جي مدد سان اوهان ڪتابن ۽ رسالن جو نہ صرف پاڻ مطالعو ڪري سگهو ٿا بلڪ پنهنجي دوست ۽ احباب کي هن ايپلي ڪيشن جو لِنڪ (Link) شئير ڪري ثوابِ جاريہ جو سامان ڪري سگهو ٿا.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو !

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توڪُّل ڪندڙن جا واقعا:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان توڪُّل جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون، جنهن کي توڪُّل جي نعمت ملي وڃي اهو وڏو خوش نصيب آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها توڪُّل جي صفت سان مُتَّصِف هوندا آهن. اچو! توڪُّل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ توڪُّل ڪرڻ وارن جون بہ (2) حڪايتون ٻڌون ٿا.

## شيطان منهنجو خادم آهي

حضرتِ سيدُنا ايوب حَمَّال رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان منقول آهي تہ اسان جي علاقي ۾ هڪ مُتوڪِّل نوجوان رهندو هو. هو عبادت و رِياضت ۽ توڪُّل جي معاملي ۾

گهڻو مشهور هو. ماڻهن کان ڪا شيءِ نہ وٺندو هو. جڏهن بہ ڪائڻ جي حاجت هوندي پنهنجي اڳيان سِڪن سان پريل هڪ ٿهيلي ڏسندو هو. اهڙي طرح هو پنهنجا ڏينهن رات عبادتِ الٰهي ۾ گذاريندو هو ۽ ان کي غيب مان رزق ڏنو ويندو هو. هڪ دفعي ماڻهن ان کي چيو: اي نوجوان! تون سِڪن جي اها ٿهيلي وٺڻ کان ڊڄ! ٿي سگهي ٿو شيطان تو کي ڌوڪو ڏئي رهيو هجي ۽ اها ٿهيلي ان جي طرفان هجي. نوجوان چيو: منهنجي نظر تہ پنهنجي پاڪ پروردگار عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت ڏانهن هوندي آهي، مان ان جي علاوه ڪنهن کان ڪا شيء نٿو گهران، جڏهن منهنجو مولىٰ عَزَّ وَجَلَّ مون کي رِزق عطا فرمائي ٿو تہ مان قبول ڪيان ٿو. بالفرض جيڪڏهن هو سِڪن جي ٿهيلي منهنجي دشمن شيطان جي طرفان هجي تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو نقصان بلڪ مون کي فائدو هي آهي تہ منهنجو دشمن منهنجي لاءِ مُسَخَّر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ الله تبارڪ وتعالىٰ ان کي منهنجو خادم بڻائي رکي. ان کان وڌيڪ سني ڳالهہ بي ڇا ٿي سگهي ٿي تہ منهنجو سڀ کان وڏو دشمن خادم بڻجي منهنجي خدمت ڪري ۽ مان ان ڏانهن نظر نہ رکان بلڪ هي سمجهان تہ منهنجو پروردگار عَزَّوَجَلَّ مون کي دشمن جي ذريعي رِزق عطا فرمائي رهيو آهي. ۽ واقعي تمام جهانن جو اهو ئي خالقِ ڪائنات رِزق عطا فرمائي ٿو جيڪو منهنجو معبود آهي. مُتوڪِّل نوجوان جي اها ڳالهہ ٻڌي ماڻهو ماٺ ٿي ويا ۽ سمجهي ويا تہ هن کي واقعي غيب مان رِزق ڏنو ويندو آهي.

(عيون الحڪايات ج ٢، ص١٠٥)

اهڙي طرح توڪُّل جي باري ۾ هڪ بي نهايت ئي پياري حڪايت ٻڌو،

## انوکي شهزاديءَ:

شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مايہ ناز تاليف ”فيضانِ سنت“

www.dawateislami.net

صفحي 501 تي آهي: حضرتِ سيدُنا شيخ شاه ڪرماني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي شهزادي جڏهن شادي جي لائق ٿي ۽ پاڙيسري ملڪ جي بادشاهه وٽان رشتو آيو پر پاڻ انڪار ڪري ڇڏيائون ۽ مسجد مسجد گهمي ڪري ڪنهن نيڪ سيرت نوجوان کي ڳولڻ لڳا، هڪ نوجوان تي سندن نظر پئي جنهن چڱيءَ طرح نماز پڙهي ۽ ٻاڏائي ڪري دعا گهري، شيخ ان کان پُڇيو توهان جي شادي ٿي چُڪي آهي؟ ان نفيءَ ۾ يعني جواب ڏنو نه، پوءِ پُڇيائون ڇا نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا؟ جوڪِري قرآن مجيد پڙهندي آهي، نماز روزي جي پابند آهي ۽ خوب سيرت آهي، ان چيو ، ڀلا مون سان ڪير رشتو ڪندو! شيخ فرمايو، مان ٿو ڪريان وٺو هي ڪجهه درهم. هڪ درهم جي ماني، هڪ درهم جي ڀاڄي ۽ هڪ درهم جي **خوشبوء** خريد ڪري اچو. اهڙي طرح شاه ڪِرماني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح ان سان پڙهائي ڇڏيو، **ڪنوار** جڏهن گهوٽ جي گهر آئي تڏهن ان ڏٺو ته پاڻيءَ جي گهڙيءَ تي هڪ ماني رکيل آهي، ان پُڇيو، هي ماني هتي ڪيئن؟ گهوٽ چيو ته اها ڪالهوڪي پاروٿي ماني آهي، مون افطار جي لاءِ رکي آهي، اهو ٻُڌي ڪري هوءَ واپس ٿيڻ لڳي. اهو ڏسي ڪري گهوٽ چيو ته مون کي خبر هئي ته شيخ شاه ڪِرماني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي شهزادي مون غريب انسان جي گهر نه ٿي رهي سگهي، ڪنوار چيو ته مان توهان جي غربت جي سبب نه پئي وڃان بلڪ ان لاءِ واپس وڃي رهي آهيان جو رب الْعٰلمين عَزَّ وَجَلَّ تي توهان جو يقين ڏاڍو ڪمزور نظر اچي رهيو آهي، تڏهن ته سڀاڻي جي لاءِ ماني بچائي رکو ٿا، مون کي ته پنهنجي پيءُ تي حيرت آهي جو ان توهان کي پاڪيزه خصلت ۽ نيڪ ڪيئن چيو؟ **گهوٽ** اهو ٻُڌي ڪري ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چيائين، ان ڪمزوريءَ لاءِ معذرت ٿو چاهيان، **ڪنوار** چيو ته پنهنجو عذر پاڻ ڄاڻيو مان اهڙي گهر ۾ نه ٿي رهي سگهان، جتي هڪ وقت جي خوراڪ جمع ٿيل هجي هاڻي يا مان

www.dawateislami.net

رهنديس يا ماني، گهوٽ هڪدم وڃي ماني خيرات ڪري ڇڏي ۽ اهڙي درويش عادتن نرالي **شهزاديءَ** جو مڙس ٿيڻ تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيائين.

(روضُ الرياحين ص ١٩٢، ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**!** ڏٺو اوهان! متوڪُّلين جون ڪيئن نه خوب ادائون هونديون آهن. شهزادي هئڻ جي باوجود اهڙي زبردست **توڪُّل** جو سڀاڻي جي لاءِ ڪاڌو بچائڻ پسند نه ٿي ناهي! اهي سڀ ڪامل يقين جون بهارون آهن جو جنهن خدا عَزَّ وَجَلَّ اڄ ڪارايو آهي اهو سڀاڻي به ڪارائڻ تي يقينًا قادر آهي. پکي ۽ جانور وغيره ڇا بچائي رکندا آهن! هڪ وقت کائڻ کان پوءِ ٻئي وقت جي لاءِ بچائي رکڻ انهن جي فطرت ۾ نه ئي ناهي. مرغيءَ جي توڪُّل ملاحظہ فرمايو، ان کي پاڻي ڏيو. ضرورت مطابق پيئڻ کانپوءِ پيالي تي پير رکي پاڻي هاري ڇڏيندي آهي. ڄڻ ته اها **خاموش مبلغ** آهي! ۽ اسان کي نصيحت ڪري رهي آهي ته اي انسانو! سالن جو جمع ڪري وٺڻ باوجود به توهان کي قرار ناهي ايندو! جڏهن ته مان هڪ ڀيرو پيئڻ کانپوءِ ٻئي ڀيري لاءِ بي فڪر ٿي ويندي آهيان ته جنهن هاڻي پياريو آهي اهو بعد ۾ به پياريندو. ڪاش! اسان کي به توڪُّل جي نعمت نصيب ٿي وڃي. افسوس! اڄ جو بي عمل مسلمان توڪُّل ته پري فقط هڪ گرهه جي لاءِ بعض اوقات قتل ۽ غارت گري تائين پهچي ويندو آهي. ڪوڙ مال ۽ دولت ۽ عمده غذاء هئڻ جي باوجود ٻين جي مالن تي نگاهون ڪتل هونديون آهن، رهڻ جون بهترين جڳهون هئڻ جي باوجود ٻين جا بنگلا ۽ گهر ڦٻائڻ جا طريقا سوچي آهي، ڪڏهن ٻين جو مال ڦٻائڻ جي لاءِ ڌاڙو ۽ چوري ڪندو آهي ته ڪڏهن ڌمڪين جي ذريعي ماڻهن جي مال تي قبضو ڪندو آهي ۽ انهن کي خوف زدو ڪندو آهي، هنن سيني ڳالهين جو بنيادي سبب الله عَزَّ وَجَلَّ تي توڪُّل

نہ هئڻ آهي. جڏهن تہ هڪ ٻانهي جي لاءِ اها ئي ڳالھ ڪافي هئڻ گهرجي تہ جيترو ان جي نصيب ۾ آهي، ان کي ضرور ملي ويندو، هو ربّ عَزَّ وَجَلَّ جيڪو پٿرن ۾ موجود جيتن کي رِزق ڏيڻ تي قادر آهي، اهو منهنجي پيٽ جي لاءِ بہ اسباب بڻائيندو. الله عَزَّ وَجَلَّ جا نيڪ ٻانها ٻين کان انهن جو مال کسڻ تہ پري، ٻين تي ڀروسو ڪرڻ کان بہ ڪيٻائيندا هئا.

حضرت سَيِدُنا ابوسعيد خرازرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان هڪ جنگل ۾ ڦهتس تہ سامان ڪجھ نہ هو، مون کي شديد ٻُک جو احساس ٿيو تہ پري هڪ ڳوٺ نظر آيو، آئون خوش ٿيس، پر پوءِ پاڻ تي ائين غورﺀ فڪر ڪيم تہ مون ٻين تي ڀروسو (Trust) ڪيو آهي ۽ ٻين کان سڪون حاصل ڪرڻ چاهيو، تنهنڪري مون قسم کنيو تہ ڳوٺ ۾ ان وقت تائين داخل نہ ٿيندس، جيسيتائين پاڻ کڻي نہ وڃن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، مون هڪ کڏ کوٽي ان جي مٽي ۾ پنهنجي جسم کي سيني تائين لڪائي ورتو، آڌي رات جو هڪ بلند آواز آيو، اي ڳوٺ وارو! الله عَزَّ وَجَلَّ جي ولي پنهنجي پاڻ کي مٽي ۾ لڪايو آهي توهان ان وٽ وڃو، ماڻهو آيا ۽ مون کي مٽي مان ڪڍي ۽ کڻي ڳوٺ ڏانهن هليا. (احيا ء العلوم، ۴/ ۳۳ بتغير قليل )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور ڪريو! حضرتِ سَيِدُنا ابُو سعيد خراز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي ذات تي ڪيترو پختو يقين ۽ ڪامل ڀروسو هو جو ٻک جي شدّت ۾ هڪ ڳوٺ نظر اچڻ تي خوش ٿيڻ کي بہ توڪُّل جي خلاف سمجهيو، توڪُّل جو هي اعليٰ رتبو انهن جو حصو هو، اسان کي گهرجي تہ اسباب اختيار ڪرڻ کان پوءِ الله عَزَّ وَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪريون ۽ ان تي ڪامل يقين رکون. توڪُّل جي صفت پيدا ڪرڻ سان انسان جتي هن دنيا جي

www.dawateislami.net

بي شمار گناهن کان بچي ويندو آهي، اتي آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ به توڪُّل جي صفت گهٽي ڪم ايندي آهي. اچو انهيءَ باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون ٿا.

## توڪُّل بهترين شيءِ آهي:

حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا ته مون کي حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه ٻڌايو ته اچو اسان ۽ اوهان هي عهد ڪريون ته اسان ٻنهي مان جيڪو به پهرين وصال ڪري هو خواب ۾ اچي پنهنجو حال ٻي کي ٻڌائي، مون چيو ته ائين ٿي سگهي ٿو؟ ته انهن فرمايائون ته ها مومن جو رُوح آزاد رهي ٿو، رُوءِ زمين ۾ جتي چاهي وڃي سگهي ٿو، ان کان بعد حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه جو وصال ٿي ويو، مان هڪ ڏينهن قيلولہ (منجهند جي ڪاڏي کان پوءِ ڪجهه دير جي لاءِ آرام) ڪري رهيو هئس ته اوچتو حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه منهنجي سامهون آيا ۽ بلند آواز سان انهن چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيكُمْ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكَاتُه، مون جواب ۾: وَعَلَيكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكَاتُه، چيو، ۽ انهن کان پڇيو ته وصال کان پوءِ اوهان تي ڪيئن گذري؟ ۽ اوهان ڪهڙي رتبي تي آهيو؟ ته انهن فرمايو ته مان نهايت سني حال ۾ آهيان ۽ مان اوهان کي هي نصيحت (Advise) ڪريان ٿو ته اوهان هميشہ الله تعاليٰ تي توڪُّل ڪندا رهو، ڇوته توڪُّل بهترين شيءِ آهي، توڪُّل بهترين شيءِ آهي، توڪُّل بهترين شيءِ آهي هن جملي کي انهن 3 ڀيرا ارشاد فرمايو.

(شواهد النبوة، رڪن سادس د ربيان شواهد ودلايلي...الخ،سلمان فا رسي...الخ، ص٢٨٧)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته توڪُّل دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي لاءِ

www.dawateislami.net

مفيد آهي، اچو! هن جا وڏيڪ دنيوي ۽ اُخروي فائدا ٻڌون ٿا.

## توڪُّل جا فائدا:

(1)توڪُّل ڪرڻ وارا پريشانين کان محفوظ ٿي ويندا آهن. جيئن ته حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن منهنجي مرشدِ برحق بَيتُ الجِن کان دَمِشق وڃڻ جو ارادو ڪيو، برسات جي ڪري مون کي گپ ۾ هلڻ ۾ دشواري ٿي رهي هئي پر جڏهن مون پنهنجي مرشد ڏانهن نهاريو ته سندن ڪپڙا ۽ جوتيون خشڪ هيون، مون سندن جي خدمت ۾ عرض ڪيو (۽ هن حيرت انگيز واقعي جي حڪمت پڇا ڪئي) ته پاڻ جواب ڏنائون: ها! جڏهن کان مون توڪُّل جي راهه ۾ پنهنجي اِرادي کي ختم ڪري باطن کي لالچ جي وحشت کان محفوظ (Safe) ڪيو آهي، ان وقت کان الله عَزَّ وَجَلَّ مون کي گپ کان بچائي ورتو آهي- (ڪشف المحجوب، ص۲۵۵) يعني توڪُّل جي برڪت سان دُنيوي مصيبتن کان مون کي آزادي ڏني وئي آهي.

(2) توڪُّل مخلوق جي مُحتاجي کان بچائيندو آهي بلڪ توڪُّل جيڪڏهن ڪامل هجي ته ماڻهو توڪُّل ڪرڻ واري جا مُحتاج ٿيندا آهن. جيئن ته حضرت سليمان خواص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن ڪو شخص سچي نيت سان الله سُبحانہ وتعاليٰ تي توڪُّل ڪري، ته امير ۽ غريب سڀ ان جا محتاج ٿي ويندا، ۽ هو ڪنهن جو محتاج نه ٿيندو، ڇوته ان جو مالڪ عَزَّوَجَلَّ غني ۽ حميد آهي.
(منهاج العابدين، ص۱۰۲)

(3) مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي ڪاميابي ۾ سڀ کان وڏو ڪردار ذهني ۽ قلبي سڪون جو هوندو آهي ۽ ان جي بدولت ئي انسان دنيا ۽ آخرت ۾ عزت وارو ٿيندو آهي. يقيناً ذهني ۽ قلبي سڪون مال ۽ دولت کان وڏيڪ قيمتي

www.dawateislami.net

خزانو آهي ۽ هي توڪُّل جي برڪت سان حاصل ڪري دولت مند بڻجي سگهجي ٿو.

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: منهنجي شيخ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اڪثر دفعا مجلس ۾ فرمائيندا هئا. پنهنجي تدبير ان ذات جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن تو ڪي پيدا فرمايو، تون راحت ماڻيندين. (منهاج العابدين ص١١٣)

(4) توڪل جي بيشمار برڪتن مان سڀ کان وڏي برڪت هي آهي ته ان جي بدولت ايمان جي حفاظت ٿيندي آهي ڇو ته شيطان جڏهن ڪنهن جي ايمان تي حملو (Attack) ڪندو آهي ته سڀ کان پهريان ان جو اللهعَزَّ وَجَلَّ تي يقين ۽ ڀروسو ڪمزور ڪندو آهي، لهٰذا جيڪڏهن اسان پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ چاهيون ٿا ته الله عَزَّ وَجَلَّ تي ڪامل ڀروسو رکون، هڪ بزرگ فرمائن ٿا: منهنجي هڪ دوست مون کي ٻڌايو ته منهنجي هڪ نيڪ انسان سان ملاقات ٿي ته مون پڇيو ڇا حال آهي؟ ان جواب ڏنو. حال ته ان جو آهي، جن جو ايمان محفوظ آهي ۽ اهي صرف توڪُّل ڪندڙ ئي آهن، جن جو ايمان محفوظ آهي.

(منهاج العابدين ،ص١٠٦)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان توڪُّل جا فائدا ٻڌا، توڪُّل پريشانين کان حفاظت، مخلوق جي محتاجي کان بچڻ، ذهني ۽ قلبي سڪون کي حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ايمان جي سلامتي جو سبب به آهي. اهڙي طرح توڪُّل نه ڪرڻ سان پريشانين ۾ مبتلا ٿيڻ، مخلوق جي محتاجي، ذهني ۽ قلبي بي چيني ۾ رهڻ سان گڏوگڏ ايمان ضايع ٿيڻ جو خطرو (Risk) آهي. ان ڪري اسان کي هر وقت پنهنجي رحيم، ڪريم ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ

www.dawateislami.net

گھرجي، ان ڪان سٺي اميد رکڻ گھرجي ۽ ھر وقت ان ڪان توڪُّل، قناعت جي دولت ملڻ جي دُعا گھرڻ گھرجي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان **قناعت** ۽ **توڪُّل** جي باري ۾ ٻڌو، **قناعت** ۽ **توڪُّل** ايمان ۾ ترقي، عمل ۾ بهتري ۽ بي شمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا حاصل ڪرڻ جو سبب آھي.

1. **قناعت** اِختيار ڪرڻ واري کي الله ۽ رسول عَزَّ وَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ٿيندي آھي.
2. **قناعت** ڪرڻ وارو اسباب ڪان وڌيڪ **خالقِ اسباب تي نظر** رکندو آھي.
3. **قناعت** اختيار ڪرڻ الله عَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي عادت آھي، **قناعت** ڪرڻ وارا دنيا جي بي شمار غمن ۽ پريشانين ڪان ڇوٽڪارو پائيندا آھن .
4. **قناعت** انسان کي حرص ۽ لالچ ڪان بچائيندي آھي.
5. **قناعت** اِنسان کي خواهشات جو پيروڪار بڻجڻ ڪان بچائيندي آھي ۽ ان جي برڪت سان زندگي سڪون ۽ اِطمينان سان گذرندي آھي.
6. **قناعت** جي برڪت سان الله عَزَّ وَجَلَّ جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ملندو آھي.
7. **قناعت**، دل سان دُنيا جي مَحَبَّت ختم ڪندي آھي.
8. **قناعت** ڪرڻ وارو، الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ محبوب بڻجندو آھي.
9. **توڪُّل** ڪرڻ وارا الله عَزَّوَجَلَّ کي پيارا آھن.

www.dawateislami.net

10. **توڪُّل** مومن ٻانهي جي دل ۾ نورِ ايمان کي ويتر وڌائيندو آهي، پريشانين ۽ مصيبتن ۾ **توڪُّل** ئي استقامت، صبر ۽ برداشت جو درس ڏيندو آهي.

11. **توڪُّل** ڪرڻ وارا پريشانين کان محفوظ ٿي ويندا آهن.

12. **توڪُّل** مخلوق جي محتاجي کان بچائيندو آهي.

13. **توڪُّل** ڪرڻ واري کي دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي نصيب ٿيندي آهي .

اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي **توڪُّل** ۽ **قناعت** جي دولت سان مالامال فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان کي به توڪُّل ۽ قناعت جي عظيم دولت نصيب ٿئي ته اسان کي ان جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا به ڪرڻ گهرجي ۽ توڪُّل و قناعت جي فضيلتن ۽ حِرص، ڪنجوسي جي وبال جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ان جي علاوه اعلي اخلاق ۽ سٺن وصفن وارن نيڪ ماڻهن جي صحبت به اختيار ڪرڻ گهرجي جو صحبت انسان جي ڪردار ۽ ان جي گفتار تي لازمي اثر انداز ٿيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥ )

www.dawateislami.net

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي رسالي ”101**مدني گل**“ مان نهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.❀ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعہ بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ القوِی فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي **الله** تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهہ ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ويندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ❴2❵ (بهار شريعت حصہ16 ص226،225) هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيا وڃن، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ❴3❵ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ❴4❵ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾

نَنهن ڪَٽڻ مڪروهه آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏندن سان ننهن ڪَٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪَٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (ايضًا) ﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروهه آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نہ ڪَٽڻ گهرجن، چوتہ ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻيتاليهه ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب آهي تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهه تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 2 ص 653)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سيکھنے سنّتيں قافلے ميں چلو لُوٹنے رَحمتيں قافلے ميں چلو
ہوں گی حل مشکليں قافلے ميں چلو پاؤ گے بَرَکتيں قافلے ميں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين جو هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[3]

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[4]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[5]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[6]

---

[4]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[5]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[6]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰہُ تَعَالٰي عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[7] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[8] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net